

# شيطان

## جي انسان سان

# دشمني

31-January-2019

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شيطان جي انسان سان دشمني

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

هر عيب کان پاڪ نبي، مڪي مدني، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانوَ نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا. (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ۱۳۱حديث: ۳۶۶)

قلیل روزی پہ دو قناعت، فضول گوئی سے دے دو نفرت

درود پڑھتا رہوں بکثرت، نبیِ رحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقينًا هر شخص پنهنجي دشمن کان نفرت ڪندو آهي ۽ ان جي شر کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ دشمن جيترو وڌيڪ مضبوط هجي ان کان محفوظ رهڻ جي اوتري ئي وڌيڪ احتياط ڪئي ويندي آهي، اُوترائي حفاظتي انتظام به وڌيڪ ڪيا ويندا آهن، ياد رکو! انسان جو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان خطرناڪ (Dangerous) دشمن شيطان آهي اولياءِ ڪرام کان وٺي ڪري عام انسان تائين هر هڪ کان دشمني رکي ٿو ۽ انهن کي ورغلائڻ جي لاءِ طرح طرح جي حيلن بهانن کان ڪم وٺي ٿو، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي هنڌن تي شيطان جي عداوت ۽ دشمني جي سڃاڻپ ڪرائي

آهي، اڄ جي بيان ۾ شيطان جي انسان کان دشمني بابت آيتون، حديث سڳوريون، بزرگانِ دين جا واقعا ۽ شيطان جي وار کي ناڪام بڻائڻ جا طريقا بہ ٻڌنداسين. ڪاش! سڄو بيان سنين سنين نيتن ۽ مڪمل توجھ سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي. اچو! سڀ کان پهريان شيطان جي انسان سان دشمني جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## شيطان لعين جي شر کان محفوظ رهڻ:

هڪ ڀيري ولين جي سردار حضور غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ سفر ڪري رهيا هئا، ان دوران ڪجھ ڏينهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ هڪ اهڙي هنڌ تي ترسيا جتي پاڻي نہ هو، جڏهن غوث پاڪ کي اُڃ جي شدت محسوس ٿي تہ برسات ٿيڻ لڳي جنهن مان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڍؤ ڪري پاڻي پيتاؤن، پوءِ غوث پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ آسمان تي هڪ نور ڏٺائون جنهن سبب هڪ ڪنارو روشن ٿي ويو ۽ هڪ شڪل ظاهر ٿي ان مان آواز آيو: " اي عبدالقادر! مان تنهنجو رب آهيان ۽ مون توتي حرام شيون حلال ڪري ڇڏيون آهن" اهو ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اَعُوۡذُ بِاللّٰہ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم پڙهي فرمايائون:''اي شيطان لَعِين! پري ٿي وڃ." تہ روشن ڪنارو انڌيري ۾ بدلجي ويو ۽ اها شڪل ڌُونهون بڻجي وئي. وريِ شيطان هيئن وار ڪيو: اي عبدالقادر! توهان مون کان پنهنجي علم، پنهنجي رب جي حڪم ۽ پنهنجي رتبن جي سلسلي ۾ سمجھ ۽ عقل جي ذريعي نجات ماڻي آهي ۽ مون هن طرح (70) مشائخن کي گمراه ڪيو آهي" انسان جي دشمن شيطان جي هن وار کي بہ اسان جي غوثِ پاڪ هي فرمائي ناڪام بڻايائون: ''اهو صرف منهنجي رب جو فضل ۽ احسان آهي" جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان پڇيو ويو تہ اوهان کي ڪيئن خبر پئي تہ اهو شيطان آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ارشاد فرمايائون: ان جي هن ڳالھ سبب مون ان کي سُڃاتي ورتو"بيشڪ مون تنهنجي لاءِ حرام شين کي حلال ڪيو آهي". (صراط الجنان، ۵/۲۷۱ بتغير قليل)

**اي عاشقانِ غوثِ اعظم!** بيان ڪيل واقعي مان اهو مَعلُوم ٿيو تہ شيطان لعين عام انسانن کان تہ دشمني رکندو ئي آهي پر اللّٰہ وارن سان ان جي دشمني

تمام گھٽي هوندي آهي ۽ انهن کي ورغلائڻ جي لاءِ طرح طرح جا حِيلا بهانا ڪندو آهي، ڪيئي ڀيرا ناڪام ٿيڻ جي باوجود بہ مايوس ناهي ٿيندو جيئن تہ بيان ڪيل واقعي ۾ پيرانِ پير، روشن ضمير، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْه جهڙي هستي کي ورغلائڻ جي لاءِ اهو حِيلو ڪيائين تہ مون تنهنجي لاءِ حرام شين کي حلال ڪري ڇڏيو آهي تہ پاڻ ان جي هن وار کي ناڪام بڻائي ڇڏيائون.

اها بہ خبر پئي تہ ڪو شخص ڪيتري ئي مرتبي وارو بزرگ ڇو نہ هجي، چاهي اهو پير ۽ فقير هجي يا عالم ۽ ولي هجي، ان تي اللّٰه پاڪ جون لازم ڪيل عبادتون معاف ناهن ٿينديون. ٿورو سوچيو! تہ مخلوقات ۾ سڀ کان وڏو رتبو ڪنهن جو آهي؟ يقيناً پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جوئي آهي، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙا نمازي هئا جو سندن مثل ڪو نمازي ٿي ئي نٿو سگهي، پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙي عبادت وانگر ڪو عبادت ڪرڻ جو گمان بہ نٿو ڪري سگهي. انهن تي تہ تهجد بہ فرض هئي، توڙي جو پاڻ مالڪِ شريعت آهن، پر ربّ ڪريم جا احڪام پورا ڪيائون.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! شيطان انسان جو کليو دُشمن آهي، هن ڳالهہ بابت اللّٰه پاڪ سيپاري 15 سُوْرَۃُ بني اسرائيل آيت نمبر 53 ۾ فرمايو آهي:

اِنَّ الشَّیْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِیْنًا

ترجمو: بيشڪ شيطان انسان جو کليو دشمن آهي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** خبر پئي! شيطان انسان جو کليو دشمن آهي. شيطان هن دشمني جي اظهار جي لاءِ ڪيئي طريقا ۽ هٿيار استعمال ڪندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن رِياڪاري ڪرائي نيڪيون برباد ڪرائيندو آهي.❖ شيطان ڪڏهن وسوسا وجهي نيڪين ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن مسلمانن ۾ دُشمني ۽ نفرت وجهي غيبتن، تهمتن جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي.❖ شيطان ڪڏهن ڪوڙ ڳالهرائي آخرت کي تباهہ ڪرائڻ جي

ڪوشش ڪندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن حسد جا ڪندا دِل ۾ هڻي جهنم جي باھ ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن تڪبُّر ۾ مبتلا ڪري پنهنجي ازلي دُشمني جو نشانو (Target) بڻائيندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن حُبِ جاه (يعني واه واه جي خواهش) جي هوس ۾ گرفتار ڪرائي نيڪين کي ضائع ڪرائيندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن مسلمان جي دل ۾ بين جو بُغض ۽ ڪينو (يعني دل جي لڪيل دُشمني) پيدا ڪري پنهنجو ڪم ڪيندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن ماءُ پيءُ جي نافرماني تي اُڀاري دنيا ۽ آخرت ۾ ذليل ڪرائيندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن بيمارين تي بي صبري ۽ واويلا ڪرائي صبر جي بي حساب ثواب کان محروم ڪرائيندو آهي. ❖ شيطان ڪڏهن نمازن کان ❖ ڪڏهن فرضن کان ❖ ڪڏهن فرض ۽ لازم علم دِين کان پري ڪندو آهي ❖ شيطان ڪڏهن تِلاوتِ قرآن کان روڪيندو آهي ته ❖ ڪڏهن نيڪ عمل ڪرڻ ۾ سُستي ڏياريندو آهي. مطلب ته! شيطان پنهنجي دشمني ڪڍڻ جي لاءِ طرح طرح سان اِنسان کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اسان کي ان جي هر وار کان هوشيار رهڻ گهرجي.

شيطان جي خلاف جنگ جاري رهندي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! سڀ کان پهريان **شيطان جي** هڪ هٿيار **”رياڪاري“** جي بابت ٻڌون ٿا.

## شيطان جو هڪ هٿيار ”رياڪاري“

هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته اوّل ته شيطان اسان کي نيڪيون ڪرڻ ناهي ڏيندو ۽ جيڪڏهن اسان خُوب ڪوشش ڪري نيڪ عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي به وڃون ته شيطان اسان جي عِبادت کي، صدقن ۽ خيراتن کي مَقبول ٿيڻ کان روڪڻ جي لاءِ پنهنجو پورو زور لڳائيندو آهي ۽ اسان جي عِبادت ۾ ڪا اهڙي غَلَطي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيڪا ان جي عبادت کي ضائع ڪري ڇڏي يا وري عِبادَت کان بعد اسان جي دل ۾ مشهور ٿيڻ جي خواهش

پيدا ٿيندي آهي، ڪو اسان جي نيڪين جو چرچو ڪري نہ ڪري، اسان پاڻ بغير ضَرورتِ شَرعي پنهنجي نيڪين جو اِظهار ڪري **”پنهنجي مُنهن ميان مِٺو“** بڻجڻ کان پاسو نٿا ڪيون ۽ اهڙي طرح شيطان جي وڇايل رِياڪاري واري ڄار ۾ وڃي ڦاسندا آهيون.

## رِياڪاري ڇا کي چئبو آهي:

شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي، حَضْرتِ علّامہ مَوْلانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ”نيڪي جي دعوت “ جي صفحي 66 تي لکن ٿا: الله پاڪ جي رِضا کان عَلاوه ڪنهن ٻي اِرادي سان عِبادت ڪرڻ (رِياڪاري آهي). مطلب تہ عِبادت جو هي مقصد هجي تہ ماڻهو ان جي عِبادت تي آگاهہ ٿين تہ جيئن هو انهن ماڻهن کان مال حاصل ڪري يا ماڻهو ان جي ساراهہ ڪن يا ان کي ماڻهو نيڪ انسان سمجهن يا ان کي عزّت وغيره ڏين. (اَلزَّواجِرُ عَنِ اقْتِرافِ الْكبائِر، ۱/۸۶)

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ڪتاب ” نيڪي جي دعوت “حصو پهريون، صفحي 73 تان رِياڪاري بابت ڪجھ مثالون ٻڌون ٿا. خيال رهي تہ رِياڪاري هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن جو سڄو دارومدار نِيت تي آهي، تنهنڪري جيڪي مثالون پيش ڪيون پيون وڃن اُهي جيتوڻيڪ رِياڪاري ئي جون مثالون آهن پر ڪيئي هنڌن تي نِيت جي فرق سان اَحڪام ۾ تبديلي ٿي ويندي آهي. اچو پنهنجي اصلاح جي نِيت سان تَوَجّهہ سان ٻڌو:

## رِياڪاري جا 10 مثال

(1) فَنّ قِراءت ان ڪري سکڻ تہ ماڻهو ”قاري صاحِب“ چون. (2)پنهنجي لاءِ عاجِزي وارا لفظ مَثال طور فقير، گُنهگار، ناڪاره وغيره ان ڪري چوڻ يا لکڻ تہ ماڻهو سادي طبيت وارو سمجهن ۽ عاجِزي جي واکاڻ ڪن.(3) ماڻهن سان انهي ڪري گرم جوشي سان ملڻ جو ملنسار يا با اخلاق سڏرائي .(4) دعا وغيره ۾ سيني جي سامهون روئڻ اچي تہ انهيءَ ڪري لڙڪ اگهڻ جو ماڻهن

تي هي تاثر قائم ٿئي تہ هي رياڪاري ڪان بچڻ جي ڪري جلدي جلدي لڙڪ اگهي ٿو.(5) ماڻهن جي دلين ۾ جڳهہ بڻائڻ جي لاءِ هن طرح جا جملا چوڻ: مون کي گناهن کان گهڻو ڊپ لڳي ٿو، مون کي بري خاتمي جو خوف ٿيندو آهي، هاءِ! انڌيري قبر ۾ ڇا ٿيندو! هاءِ! قيامت ۾ ڪيئن حساب ڏيندس! وغيره (6) ماڻهن وٽ پنهنجي دنيا سان لاتعلقي ۽ پارسائي جي ڌاڪ ويهارڻ لاءِ چوڻ: مان تہ مالدارن ۽ شخصيات کان ملڻ کان بچندو آهيان. (7) ڪنهن جي مصيبت جو ٻڌي ڪري منهن ٻڌائڻ يا همدرداڻا جملا چوڻ جو ماڻهو رحم دل چون. (8) هٿ ۾ انهي ڪري تسبيح رکڻ، ۽ نمايان ڪرڻ، يا ماڻهن جي سامهون انهيءَ ڪري چُپ چورڻ يا انهن تائين آواز پهچائڻ ائين ئي درود ۽ اذڪار پڙهڻ تہ جيئن ماڻهو نيڪ سمجهن. (9) جَلوت ۾ (يعني ماڻهن اڳيان) کائيندي پيئندي، اٿندي ويهندي وغيره وغيره مَوقعن تي سُنّتن جو چڱي طرح خيال رکڻ جڏهن تہ اڪيلي ۾ سُنّتن جو اِهتِمام نہ ڪرڻ. (10) دعوت ۾ يا ٻين جي مَوجُودگي ۾ ان ڪري گهٽ کائڻ تہ ڏسڻ وارا ان کي سُنَّت جي پَيروي ڪرڻ وارو ۽ گهٽ کائڻ وارو تصوُّر ڪن. (نيڪي جي دعوت ،ص۷۳) الله پاڪ شيطان جي وار رياڪاري کان اسان جي حفاظت فرمائي.

اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شيطان جي خلاف جنگ جاري رهندي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جا شهزاده مُفتي اعظم هند حضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه عاجزي ڪندي ۽ اسان کي سمجهائيندي فرمائن ٿا.

نَفْسِ بدکار نے دل پہ یہ قِیامت توڑی عملِ نیک کِیا بھی تو چھپانے نہ دِیا
(سامانِ بخشش،ص۶۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رياڪاري کان بچڻ جي لاءِ عِبادَت جي دوران بہ شيطاني وَسوَسن کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو، ڇوتہ شيطان مُسلسل اسان جي دل ۾ وَسوَسا وجهڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندو آهي، تنهنڪري جهڙي طرح نيڪ عمل کان پهريان دل ۾ اِخلاص هئڻ ضَروري آهي، اهڙي طرح هر نيڪي ۽ عِبادَت جي دَوران ان کي قائم رکڻ بہ ضَروري آهي.

جيتوڻيڪ اهو سوچڻ ۽ غوروفڪر ڪرڻ گهڻو مُشڪل ڪم آهي پر ناممڪن ناهي، شروع ۾ اهو ڪم بيحد ڏکيو محسوس ٿيندو آهي پر ڪوشش ڪري هڪ عرصي تائين هن تي صبر ڪري تہ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان ۽ حُسنِ توفيق سان هي ڪم آسان ٿي ويندو آهي، اسان جو ڪم ڪوشش ڪرڻ آهي، ڪاميابي ڏيڻ واري ذات ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي آهي. (نيڪي ڪي دعوت، ص۹۴)

اڇو! پنهنجي ربّ ڪريم جي بارگاه ۾ دعا ڪريون ٿا ۽ اِخلاص جي خيرات گهرون ٿا.

بنادے مجھ کو الٰہی خُلوص کا پیکر قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یارَبّ!
اَندھیری قَبْر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر کروں گا کیا جو تُو ناراض ہو گیا یارَبّ!

(وسائلِ بخشش، ص ۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سڄو شهر اُجڙي ويو

هڪ شخص شيطان کي هن حال ۾ ڏٺو جو هو پنهنجي آڱر بلند ڪري وڃي رهيو هو. اُن شيطان کان پڇيائين: هي تون پنهنجي آڱر بلند ڪري ڇو پيو وڃين؟ شيطان چيو: مان پنهنجي آڱر سان وڏا وڏا ڪم ڪندو آهيان، ماڻهو جيڪي پاڻ ۾ جهيڙو جهٽو ۽ فِتنو فَساد ڪندا آهن اهو سڀ هن ئي آڱر جو ڪمال آهي. ان شخص حَيرت وچان پڇيائين: اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

شيطان چيو: هي سامهون جيڪو شهر آهي ان ڪي منهنجي هي آڱر ٿوري دير ۾ تباهه برباد ڪري ڇڏيندي ۽ ماڻهو جهيڙو جهٽو پاڻ ئي شروع ڪري ڏيندا. شيطان ان شخص سان گڏ شهر ۾ داخل ٿيو، هڪ بازار ۾ حلوائي ڪنڌ ڳاري ان جو شِيرو ٻڻائڻ جي لاءِ ان کي هڪ وڏي ٿانوَ ۾ گرم ڪري رهيو هو. شيطان شيري ۾ آڱر وجهي ٿورو شيرو ڪڍيو ۽ ان کي ديوار تي لڳائيندي چيائين: هاڻي ڏسجان اهو شهر ڪيئن تباهه ٿئي ٿو، پوءِ ان ديوار تي لڳل شيري تي مکيون اچي وينيون، مکين جو هجوم ڏسي هڪ ڪِرڙِي مکين تي حملو ڪرڻ جي لاءِ ديوار تي چڙهي. حلوائي جي هڪ ٻلّي هئي، ان ٻلّي(Cat) ڪِرڙِي کي ڏٺو ته ان تي حملو ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وئي، ٻه (2) فوجي بازار مان گُذري رهيا هئا جن سان گڏ انهن جو ڪتو به هو، ڪتّي ٻلّي کي ڏٺو ته هڪ دم ان تي حملو ڪري ڏنو، ٻلّي ڀڄڻ جي لاءِ ٽپو ڏنو ته سڌو وڃي شيري جي ٿانوَ ۾ ڪري ۽ مري وئي. حلوائي پنهنجي ٻلّي کي مرندي ڏٺو ته ڪتّي کي ماري وڌو، اهو منظر ڏسي فوجين حلوائي کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. حلوائي جي عزيزن کي خبر پئي ته انهن فوجين کي ماري وڌو، جڏهن فوج کي پنهنجن ٻن (2) فوجين جي مَوت جو پتو پيو ته فوج (غُصّي ۾) اچي سڄي شهر کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو. (شيطان کي حڪايات،ص۱۵۰ملخصاً)

نَفس و شیطان ہو گئے غالب ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارب

(وسائل بخشش مرمم،ص۷۹)

شيطان جي خلاف جنگ جاري رهندي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ جيڪو سبق اسان جي لاءِ موجود آهي، اهو هي آهي ته اسان پاڻ به جهيڙن کان بچون ۽ ٻين کي به هن شيطاني ڪم کان روڪڻ جي ڪوشش ڪريون، ڇوته ڪڏهن صرف غلط فهمي جي

بنياد تي ڪيئي جهيڙا ٿي پوندا آهن، ڪيئي گهر بلڪ ڪيئي خاندان اُجڙي ويندا آهن، ان ڪري جيڪڏهن ڪو اسان کي وڙهائڻ به چاهي ته اسان کي گهرجي ته اسان ان کي ان جي ناپاڪ ارادي ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏيون. شيطان جو پسنديده ڪم ئي ماڻهن جي وچ ۾ فتنو ۽ فَساد ڪرائڻ، انهن ۾ نفرتن جون ديوارون بيهارڻ ۽ اُنهن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ آهي. شيطان مَردُود ڪنهن نموني جهيڙي جو ماحول پيدا ڪري پوءِ پاڻ پوئتي هٽي تماشائي بڻجي ويندو آهي. پوءِ لڙائي جهڳڙي جو نقصان اهو ٿيندو آهي ته ڪالهه تائين جيڪي هڪ ٻئي تي جان قربان ڪرڻ جي دعوي ڪندا هئا، ڪالهه تائين جيڪي هڪ ٻئي جي عزت جا مُحافِظ هئا، ڪالهه تائين جن جي دوستي ۽ انهن جي اِتّفاق ۽ ٻَڌي جون مثالون ڏنيون ونديون هيون، ڪالهه تائين جن کي هڪ ٻيءَ جي خلاف هڪ لفظ ٻڌڻ به پسند نه هو، ڪالهه تائين جيڪي هڪ ٻي کان سواءِ ڪاڏو تائين نه ڪائيندا هئا، ڪالهه تائين جيڪي بُري وَقت ۾ هڪ ٻئي جا مددگار هئا، ڪالهه تائين جيڪي هڪ ٻئي کي نيڪي جي ڪمن جون ترغيبون ڏياريندا هئا، لڙائي جهڳڙي جهڙي مَنحوس شيطاني ڪم جي نُحوست جي سبب انهن جي وچ ۾ نفرتن جون اهڙيون مضبوط ديوارون قائم ٿي ونديون آهن جو وري اهي هڪ ٻئي کي ڏسڻ به پسندا ناهن ڪندا. هڪٻئي جي غم خوشي ۾ شريڪ ناهن ٿيندا، ڪڏهن ڪڏهن ته قتل ۽ لڙائي جو اهڙو خوفناڪ طوفان ايندو آهي جو ڪيئي جانيون ظلم جي هن بدترين انتاري جي لپيٽ ۾ اچي ونديون آهن، ائين سمجهو ته جهڙي طرح باهه (Fire) گهرن، فيڪٽرين، ڪمپنين، گودامن، جنگلن، ڳوٺن، ۽ مختلف شين کي ڪلاڪن بلڪ مِنٽن ۾ ساڙي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندي آهي، اهڙي طرح پررونق ۽ خوشحال ملڪن، شهرن، نسلن، قومن، گهرن، خاندانن، ادارن ۽ تنظيمن جو اَمن تباهه برباد ڪرڻ ۽ دلين ۾ نفرتن جو ٻج پوکڻ ۾ اڪثر لڙائي جهڳڙن جون تباهه ڪاريون ئي سبب بڻجنديون آهن. ۽ هن ۾ اڪثر **شيطان لڙائي جهيڙي وارو هٿيار** استعمال ڪندي نظر ايندو آهي.

حُجَّةُ الاسلام حضرتِ سيدُنا امام محمد بن محمدغزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ماڻهن تي نگاهه وڌي، تہ انهن کي هڪ ٻئي سان ڪنهن مقصد ۽ سبب جي ڪري عَداوت ۽ دُشمني ڪندي ڏٺو ۽ مون الله پاڪ جي هن مقدس فرمان ۾ خوب غور ڪيو تہ:

اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ (پ 7 المائدة نکُمْ 91)

ترجموڪنزالايمان: شيطان تہ اهو گُهري ٿو توهان ۾ وير ۽ دُشمني وجهي ڇڏي

تہ مون کي معلوم ٿي ويو تہ شيطان کان علاوه ٻي ڪنهن سان دُشمني درست ناهي. (بیٹے کو نصیحت، ۳۲)

## وڏهڻو آهي تہ نفس ۽ شيطان سان وڙهو

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ لڙائي جهيڙي کان بچندي شيطان جي هن هٿيار کي ناڪام بڻايون ۽ پنهنجي مسلمان ڀائرن سان محبت ۽ ڀائپچارو قائم ڪيون ۽ حُسنِ اخلاق ۽ نرمي ۽ ڀلائي سان پيش اچون. ياد رکو! جهيڙي جو هڪ سبب اِعتِراض بہ آهي، اهو اِعتِراض ئي جهيڙو آهي ۽ انهيء اِعتِراض براءِ اِعتِراض ڪان پوءِ ئي ڳالهه بگڙجندي آهي ۽ لڙائي جهيڙي ۽ قتل تائين نوبت وڃي پهچندي آهي، تنهنڪري جڏهن بہ ڪنهن جي اِصلاح مقصود هجي يا ڪنهن مُعامَلي ڏانهن توجُّہ ڏيارڻ جو اِرادو هجي تہ اِعتِراض (Objection)وارو رَوَيو اپنائڻ بدران سمجهائڻ وارو انداز اِختِيار ڪريو. نرمي سان ۽ عليحدگي ۾ ان کي ان جي عيب تي آگاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ٻين جي اڳيان مسلمان ڀاءُ جي اِصلاح ڪرڻ ان کي ذليل ڪرڻ ۽ ماڻهن جي نگاهن ۾ ڪيرائڻ جي ماند آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڳالهه عزّتِ نَفس تي اچي ويندي آهي. پوءِ سامهون وارو لڙائي ڪري بدلو وٺڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، تنهنڪري ڪنهن سان بہ جهيڙو نہ ڪريو ۽ نرمي ۽ محبت ۽ صبر سان ڪم وٺو ❖ ها جيڪڏهن وڙهڻو ئي آهي تہ مَردُود شيطان سان وڙهو، ❖ جيڪڏهن

وڏو ٿي آهي ته نفسِ اَمّاره سان لڙائي ڪريو، ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته گناهن جي خلاف اعلانِ جنگ ڪري شيطان جو مقابلو ڪريو، ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته غيبت ۽ تهمت جي خلاف اعلانِ جنگ ڪري مقابلو ڪيو وڃي، ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته فلمن ڊرامن سان لڙائي ڪريو، ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته وياج جي خلاف لڙائي ڪريو. ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته ڌوڪي ۽ ملاوٽ جي خلاف آواز بلند ڪيو، ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته بدگمانين ۽ تهمتن جي خلاف دشمني جو اظهار ڪريو، ❖ جيڪڏهن وڏو ٿي آهي ته رشوت ۽ خيانت جي وڌندڙ رجحان جي حوصلہ شڪني ڪريو. مطلب ته! وڏو ٿي آهي ته بُرائين سان وڙهو ۽ معاشري کي نيڪين ڏانهن وٺي وڃو.

اسان جي نہ معلوم ڪنهن ڪنهن سان ذاتي دُشمني ٿي ويندي آهي، جڏهن ته اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو جهيڙو نفس ۽ شيطان سان آهي، جيئن بارگاھ رِسالت ۾ فرياد ڪن ٿا:

نہیں سرکار! ذاتی دشمنی میری کسی سے بھی
مری ہے نفس و شیطاں سے لڑائی یارسولَ اللہ
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۵۰)

شيطان جي خلاف جنگ جاري رهندي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان جي انسان سان دشمني جو اندازو هن ڳالھ مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ هو انسان کي دنيا ۾ تہ پنهنجي طرح طرح جي هٿيارن ۽ وسوسن جي ذريعي گمراہ ڪندو ئي آهي، پر موت جي وقت بہ ماڻهن کي ورغلائڻ، گُناهن تي اڀارڻ ۽ ايمان جي دولت کسي ڪري انهن کي بہ پاڻ سان گڏ هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنم جو ٻارڻ بنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي شيطان کي پاڻ توبہ جي توفيق ناهي ان ڪري اهو نٿو چاهي تہ ڪو ٻيو

توبہ ڪري ان جي ساٿين جي لسٽ مان نڪري جنت واري واٽ جو مُسافر بڻجي وڃي. انهيءَ ڪري شيطان دنيا ۾ توبہ کان روڪڻ، موت جي وقت ايمان کسڻ جي ڪوشش ۾ رهندو آهي، آخري ساهہ تائين ورغلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ ڪنهن نموني اهو پنهنجي ايمان کان محروم ٿي جهنم جو حَقدار بڻجي وڃي، شيطان انسان جي دل ۾ جيڪي وسوسا وجهندو رهندو آهي، اهي وسوسا ڪڏهن ڪڏهن تہ ايترا خطرناڪ هوندا آهن جو انسان جي لاءِ پنهنجو دِين ۽ ايمان بچائڻ مشڪل ٿي ويندو آهي، جيئن ڪڏهن تقدير جي باري ۾ وسوسو، ڪڏهن ايمانيات جي باري ۾ وسوسو، ڪڏهن عبادتن جي باري ۾ وسوسو، ڪڏهن طهارت ۽ پاڪيزگي جي معاملن جي باري ۾ وسوسو ۽ ڪڏهن اهو نامُراد شيطان الله پاڪ جي باري ۾ وسوسا ڏياريندو رهندو آهي. اچو! هن بابت هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

امام فخرالدّين رازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي سڪرات جو وقت جڏهن ويجهو آيو تہ شيطان پاڻ وٽ آيو، ان وقت شيطان پوري ڪوشش ڪندو آهي تہ ڪهڙي طرح بہ هن شخص جو ايمان کسجي وڃي، جيڪڏهن ان وقت اهو ٻانهو ايمان کان ڦري ويو تہ پوءِ ڪڏهن بہ نہ موٽندو، شيطان امام رازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان پڇا ڪئي توهان سموري عمر مناظرن، مباحثن ۾ گذاري، ڇا خدا کي بہ سُڃاتوَ؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمايو: بيشڪ خدا عَزَّوَجَلَّ هڪ آهي ان (يعني شيطان) چيو: ان تي ڪهڙو دليل آهي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه هڪ دليل ڏنائون، شيطان خبيث مُعَلِّمُ المَلَڪُوت (يعني ملائڪن جو استاد) رهي چڪو هو، ان اهو دليل ٽوڙي ڇڏيو، امام رازي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ٻيو دليل ڏنائون، ان اهو دليل بہ ٽوڙي ڇڏيو، ايستائين جو ٽي سؤ سٺ (360) دليل امام صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه قائم ڪيا، ۽ ان اهي سڀ دليل ٽوڙي ڇڏيا، هاڻي امام صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه سخت پريشاني ۾ ۽ نهايت مايوس هئا، سندن پير ۽ مرشد حضرت سيدنا شيخ نجم الدين ڪُبريٰ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه تمام پري واري جاءِ تي وضو فرمائي رهيا هئا، اتان امام رازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي آواز ڏنائون: ” چئو چو نٿا تہ مون خدا کي بغير ڪنهن دليل جي هڪ مڃيو. (آدابِ مرشد ڪامل ،ص٨٨ملخصا)

## بُري خاتمي کان بچڻ جو طريقو

اي عاشقانِ اوليا! معلوم ٿيو تہ ايمان جي سلامتي ۽ سني خاتمي جو هڪ ذريعو ڪنهن ڪامل پير جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ بہ آهي ڇوتہ مُرشِد جي باطِني توجُّہ سان بہ شيطاني وَسوَسو دور ٿي ويندو آهي، ايستائين جو ڀلائي تي خاتمو نصيب ٿي ويندو آهي، نہ تہ شيطان لعين سڪرات جي عالم ۾ وسوسن وارو هٿيار اِستِعمال ڪري مسلمان جي اِيمان کي برباد ڪرڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪندو آهي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** موجوده دور ۾ شيطاني وسوسن کان بچڻ، ايمان جي سلامتي، نيڪين تي استقامت، پابندِ سُنّت بڻجڻ ۽ گناهن کان سچي نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جو جذبو پنهنجي اندر بيدار ڪرڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪريو، ڇوتہ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ سان گناهن کان نفرت ۽ نيڪين ڪرڻ جو ذهن بڻجندو آهي. هن دور ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان نيڪ بڻجي ايمان جي حفاظت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون تہ پوءِ اڄ ئي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وا بستہ ٿي امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي وڃو ۽ سُنّتن جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني قافلہ“

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني قافِلہ“ پڻ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافِلن جي بَرَڪت سان ماڻهن جي زندگين ۾ مَدَني انقلاب برپا ٿي چڪو آهي. ❖ مَدَني قافِلي ۾ سفر ڪرڻ سان نيڪ ماڻهن جي صحبت ملندي آهي. ❖ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان مسجد ۾ نَفلي اِعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي. ❖ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان بي نمازين کي

نمازن جي اَهمّيت معلوم ٿيندي آهي. ❖ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان ڪوڙ ديني مسئلا سکڻ جي سعادت ملندي آهي. ❖ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان مسجدن ۾ ذِڪر ۽ اَذڪار، دَرس ۽ بَيانن جو سِلسِلو جاري رهندو آهي. ❖ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان مسجدون آباد ٿينديون آهن.

**مدني قافلن ۾** سفرڪرڻ وارن خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ اميرِ **اهلسنّت** دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ ڪيترين **پياريون پياريون دُعائون** ڪيون آهن، اچو! اهي دُعائون اسان بہ ٻڌون ٿا، **اي ڪاش!** اسان بہ اِنهن دُعائن مان پنهنجو حصو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، جيئن

هر مهيني جي **پهرين جمعي** تي 3 **ڏينهن** جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن جي لاءِ **اميراهلسنت** دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ دُعا ڪن ٿا :**يا ربَّ المصطفيٰ!** جيڪو هر شمسي مهيني جي **پهرين جمعي تي ٽن ڏينهن جي** مدني قافلي ۾ سفر جي لاءِ روانو ٿئي، ان کي **دِيدارِ مصطفيٰ** سان مشرف فرمايائون.

هر مهيني جي **ٻي جمعي تي** 3 **ڏينهن** جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ دُعا ڪن ٿا: **ياالله پاڪ! جيڪو انگريزي مهيني جي** ٻي جمعي تي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي ترڪيب ڪري، **ان جي دل نيڪين ۾ لڳائي ڇڏ.**

هر مهيني جي **ٽئين جمعي** تي 3 **ڏينهن** جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڻ دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ دُعا ڪن ٿا: **اي مالڪ ڪريم!** جيڪو عيسوي مهيني جي **ٽئين جمعي** تي مدني قافلي ۾ 3 **ڏينهن جي لاءِ** سفر تي روانو ٿئي، ان کي **جنت الفردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو پاڙو عطا فرماءِ.**

هر مهيني جي **چوٿين جمعي** تي 3 **ڏينهن** جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڻ دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ دُعا ڪن ٿا:

مولاءِ ڪريم! جيڪو انگريزي مهيني جي **چوٿين جمعي** تي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر اِختيار ڪري، **ان ڪي شفاعت فرمائڻ واري محبوب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي شفاعت قِيامت جي ڏينهن نصيب فرماءِ.**

**ڪنهن مهيني جو پنجون جمعو ٿيڻ جي صورت ۾** 3 **ڏينهن جي** مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن جي لاءِ پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة دُعا ڪن ٿا: ياالله پاڪ! جيڪو انگريزي مهيني تي **پنجو جمعو** ٿيڻ جي صورت ۾ ان ڏينهن مدني قافلي ۾ سفر ڪري، ان تي جهنّم حرام ڪري ڇڏ.

12 مهينن تائين 3 ڏينهن جي مدني قافلن جي مسافرن جي لاءِ اميرِ **اهلسنت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة دُعا ڪن ٿا: يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينن تائين **هر مهيني** 3 **ڏينهن** جي مدني قافلي ۾ سفر ڪري، ان ڪي پنهنجي ذات کان علاوه ڪنهن جو محتاج نہ ڪر.اٰمِين بِجَاه النَّبِي الۡاَمِين صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

یاخدا ہر گھڑی رَٹ ہو عطّار کی
قافلے میں چلیں قافلے میں چلو

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۷۰)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

12 مدني ڪمن مان هن مدني ڪم **"مدني قافلہ"** جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رسالي **"مدني قافلہ"** جو مطالعو ڪريو، تمام اسلامي ڀائر هن رسالي جو لازمي مطالعو ڪن، اهو رسالو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊاؤن لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو.

هن رسالي ۾ اوهان پڙهي سگهو ٿا. ❖ مدني قافلو ڇا آهي، ❖ مدني قافلي ۾ سفر جون نيتون، ❖ مدني قافلي جو مختصر جدول، ❖ مدني قافلي بابت شرعي ۽ تنظيمي احتياطون، ❖ مدني قافلن بابت 22 مدني گل، ❖ ۽ ڪوڙ ٻيا

اهم مدني گل، حڪايتون، روايتون هن رسالي ۾ پنهنجون بهارون لٽائي رهيون آهن. الله پاڪ کي راضي ڪرڻ، علم ِ دين حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪريو ته جيئن ثواب به ملي، مدني قافلي ۾ سفر سان ڪڏهن ضمناً دُنياوي فائدا به حاصل ٿيندا آهن. اچو! ترغيب لاءِ مَدَني قافِلي جي هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## پُراڻي مَرض مان شفا ملي

باب المدينہ(ڪراچي) جي عَلائقي ناظِم آباد جي رهائشي هڪ وڏي عمر جو اسلامي ڀاءُ تقريباً 19 سالن کان ساهه جي مَرَض ۾ مُبتَلا هو. ڪڏهن ڪڏهن بيماري جي شِدَّت جي ڪري ان کي گهڻي تڪليف ٿيندي هئي، ڪڏهن ته آڌي رات جو طبيعت بگڙجي ويندي هئي ته انهيءَ وَقت ڊاڪٽر (Doctor) وٽ وڃڻو پوندو هو. مطلب ته عِلاج ۾ ڪا ڪمي نه ڪئي ويندي هئي. اُن جي خوش قسمتي جو هڪ ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافِلي ۾ سفر جي سعادت حاصِل ڪيائين، مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان جتي اُنهن جا ڏينهن ۽ رات عبادتِ الٰهي ۾ گذريا، عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ اتي ٻيون بَرڪتون به نصيب ٿيون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافِلي جي دوران اُنهن کي نه ئي اِنجڪشن جي حاجت پيش آئي ۽ نه ئي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پيو بلڪ اتي اهڙو اِطمينان ۽ سُڪون مليو جو ان کان پهريان ڪڏهن نه مليو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان اُنهن جي 19سال پُراڻي مَرَض ۾ واضح ڪمي ٿي وئي.

دور بیماریاں اور پریشانیاں ہوں گی بس چل پڑیں، قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۶۷۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شيطان جو مَردُود ٿيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! شيطان لعين جي باري ۾ ٻڌون ٿا ته هو

ڪير هو ۽ ان تي اهو زوال ڇو آيو جو الله پاڪ ان کي هميشه جي لاءِ پنهنجي پاڪ بارگاهه مان مردود قرار ڏئي ڪڍي ڇڏيو، ياد رکو! بدبخت ۽ لعين قرار ڏيڻ کان پهريان شيطان خوبصورت، حَسين، تمام گهڻو علم رکڻ واور، تمام وڏو عبادت گذار، ملائڪن جو سردار هو ۽ ان کي ملائڪن ۾ هڪ خاص رتبو حاصل هو، حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجن ارشاد فرمايائون: ملائڪن کي نور مان پيدا ڪيو ويو، ابليس کي خالص باهه مان پيدا ڪيو ويو. (مسلم، ڪتاب الزهد والرقائق، باب في احاديث متفرقة، ص١٢٢١،حديث:٧٤٩٥) ابليس جنهن کي شيطان چيو ويندو آهي، ملائڪن جو سردار بڻجڻ کان پهريان اهو چاليهه (40) هزار سالن تائين جنت جي خزاني جو نگران رهيو، اسي (80) هزار سالن تائين ملائڪن سان گڏ رهيو، ويهه (20) هزار سالن تائين ملائڪن کي وعظ ٻڌائيندو رهيو، ٽيهه (30) هزار سالن تائين مُقَرَّب ملائڪن (جيئن حضرت جبرائيل ۽ حضرت عزرائيل عَلَيهِمَا السَّلَام وغيره) جو سردار رهيو، 1هزار سالن تائين رُوحَانِيين (يعني سچ چند کان وڌيڪ روشن چهري وارن الله پاڪ جي مخصوص ملائڪن) جو سردار رهيو، 14 هزار سالن تائين عرش جو طواف ڪندو رهيو، پهرين آسمان ۾ ان جو نالو عابد، ٻئي ۾ زاهد، ٽئين ۾ عارف، چوٿين ۾ ولي، پنجين ۾ متقي، ڇهين ۾ خازن ۽ ستين آسمان ۾ عزازيل هو جڏهن ته لوحِ محفوظ ۾ ان جو نالو ابليس (يعني الله جي رحمت سان نااُميد) لکيل هو ۽ اهو پنهنجي انجام کان بي خبر هو. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن ،ص٢٥٣ملخصاً) جڏهن الله پاڪ ان کي حضرتِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته چوڻ لڳو: اي الله! تو ان کي مون تي فضيلت ڏني آهي، جڏهن ته مان ان کان بهتر آهيان، تو مون کي باهه مان ۽ ان کي مٽي مان پيدا ڪيو آهي، مان باهه جو ٿي ڪري ان مٽي مان ٺهيل انسان کي سجدو ڪيان؟ ته ربِّ ڪريم فرمايو: مان جيڪو چاهيندو آهيان اهو ڪندو آهيان. تمام ملائڪن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪيو، پر ان لعين شيطان تڪبُّر سبب سجدو نه ڪيو ته ملائڪن الله ڪريم جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ ٻيو سجدو شڪراڻي طور تي ڪيو، پر شيطان ان کان به بي تعلق ٿي بيٺل

رهيو ۽ ان کي پنهنجي هن فعل تي کو افسوس نہ ٿيو، تہ ان جي تڪبُّر ڪرڻ جي ڪري اللہ پاڪ هميشہ جي لاءِ ان کي پنهنجي بارگاهہ مان مردُود قرار ڏئي ڪري ڪڍي ڇڏيو ۽ ان جي شڪل ۽ صورت بگاڙي ڇڏي، خنزير جيان لٽڪيل منهن، مٿو اُٺ جي مٿي جيان، سينو وڏي اُٺ جي ڪوهان جهڙو، چهرو ائين جيئن باندر جو چهرو، اکيون ٻينل، ناسون حجام جي ڪوزي جيان کليل، چپ ڏاند جي چپن جيان لٽڪيل، ڏند خنزير جيان ٻاهر نڪتل ۽ ڏاڙهي ۾ صرف ست وار، انهيءَ صورت ۾ ان کي جنّت کان هيٺ اڇلايو ويو ۽ قيامت تائين جي لاءِ لعنت جو مستحق بڻجي ويو آهي ۽ تڏهن هو ابليس، لعين، مردُود ۽ شيطان جي نالن سان مشهور ٿي ويو. (مکاشفة القلوب ،ص٧٩)

## تڪبُّر جون تباهہ ڪاريون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان شيطان جي باري ۾ پڙهيو تہ هو ڪيترو وڏو عبادت گذار، علم وارو هو پر ان کي هڪ گناهہ جي ڪري بارگاهہ الٰهي مان مردُود قرار ڏئي ڪري ڪڍيو ويو ۽ اهو گناهہ تڪبُّر هو. ❖ **تڪبُّر** شيطان جي هٿيارن مان هڪ هٿيار آهي، جنهن جي ذريعي هو ماڻهن سان پنهنجي دشمني ظاهر ڪندو آهي ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪري انهن کي اللہ پاڪ جي ناراضي واري کڏ ۾ ڌڪو ڏئي ڇڏيندو آهي، ياد رکو! ❖ **تڪبُّر** هلاڪ ڪندڙ عادَت آهي، ❖ **تڪبُّر** ڪرڻ وارا اللہ پاڪ جا ناپسنديده ٻانها آهن، ❖ **تڪبُّر** ڪرڻ وارن بد نصيبن جي دلين تي اللہ پاڪ مهر لڳائيندو آهي، ❖ **تڪبُّر** ڪرڻ وارا قرآني آيتن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ انهن قرآني آيتن مان عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويندا آهن. ❖ ۽ اهڙا بد بخت ذليل ۽ رُسوا ٿي جهنم (Hell) ۾ داخل ڪيا ويندا آهن، ❖ **تڪبُّر** ڪرڻ وارو جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي، اهو ٻين جي لاءِ پسند ناهي ڪندو. ❖ **تڪبُّر** ڪرڻ وارو عاجزي جهڙي عظيم خوبي کان محروم ٿي ويندو آهي. ❖ مسلمانن سان بغض ۽ ڪيني جي بدترين خصلت ان جي دل ۾ پنهنجون پاڙون مضبوط ڪندي آهي ❖ **تڪبُّر** ان کي پنهنجي ڪوڙي عزّت بچائڻ جي لاءِ

ڪوڙ تي اُڀاريندو آهي. ❖ تڪبُّر ڪرڻ وارو ڪاوڙ ڪان بچي ناهي سگهندو. ❖ تڪبُّر ڪرڻ واري جي دل ۾ مسلمانن جي خير خواهي جو جذبو ناهي هوندو. ❖ تڪبُّر ڪرڻ وارو بدنصيب نصيحت (Advice) قبول ڪرڻ پسند ناهي ڪندو. ❖ تڪبُّر جي عادت ان کي نيڪ ڪمن کان پري ۽ بُرن ڪمن تي مجبور ڪندي آهي. ❖ تڪبُّر ڪرڻ وارو نيڪ ماڻهن بلڪ بزرگن تائين جي صحبت کان پنهنجو پاڻ کي پري ڪندو آهي. اچو! تڪبّر جي تعريف ٻڌون ٿا:

## تڪبر ڇاکي چوندا آهن؟

پاڻ کي افضل، ٻين کي حقير سمجهڻ جو نالو تَڪَبُّر (يعني غرور) آهي. جيئن اسان جي شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اَلْكِبْرُ بَطَرُ الْحَقِّ وَغَمْطُ النَّاسِ يعني حق جي مخالفت ۽ ماڻهن کي حقير سمجهڻ جو نالو تڪبُّر آهي.“ (مسلم،كتاب الايمان،باب تحريم الكبروبيانه، ص٦١،حديث:٩١)

امام راغب اِصفهاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: ذٰلِكَ اَن يَّرَى الْاِنْسَانُ نَفْسَهٗ اَكْبَرَ مِنْ غَيْرِهٖ يعني تڪبر اهو آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي ٻين کان افضل سمجهي. (المُفرَدات للرّاغب، ص٦٩٧)

جنهن جي دل ۾ تَڪبُّر هجي ان کي ”مُتَڪبِّر“ چيو ويندو آهي.

## تڪبُّر کان بچڻ جا طريقا

تڪبُّر کان نجات جي لاءِ عاجزي جون فضيلتون سامهون رکو ۽ اهڙي طرح ”فڪرِ مدينہ“ (يعني پنهنجو محاسبو) ڪريو ڇوتہ جڏهن حشر برپا ٿيندو ۽ هر هڪ پنهنجو پنهنجو حساب ڏيندو تہ مون کي بہ پنهنجي ربّ جي بارگاهہ ۾ پنهنجن عملن جو حساب ڏيڻو پوندو، جيڪڏهن تڪبُّر جي ڪري منهنجو رَبّ مون سان ناراض ٿي ويو ۽ مون کي جهنّم ۾ وڌو ويو تہ جهنم جو هولناڪ عذاب ڪيئن برداشت ڪري سگهندس؟ اهڙي طرح پنهنجو محاسبو ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ تڪبُّر کان بچڻ ۾ ڪافي مدد ملندي.

اهڙي طرح تڪبُّر ۽ ٻين بُرائين کان نجات جي لاءِ دُعا جو سهارو وٺو ڇوجو

دُعا مومن جو هٿيار آهي. تنهنڪري دُعا ڪريو تہ يا الله! مان نيڪ بڻجڻ چاهيان ٿو، تڪبُّر ۽ ٻين تمام بُرائين کان جان ڇڏائڻ چاهيان ٿو، پر نفس ۽ شيطان مون کي دٻائي رکيو آهي، تون ان جي مقابلي ۾ مون کي ڪاميابي عطا فرماءِ، مون کي نيڪ بڻاءِ، عاجِزي جو پيڪر بڻاءِ. اچو! گڏجي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريون ٿا.

فخر و غرور سے تُو مولیٰ مجھے بچانا
یارب! مجھے بنادے پیکر تُو عاجزی کا

ایماں پہ ربّ رحمت دیدے تُو استقامت
دیتاہوں واسطہ میں تجھ کو ترے نبی کا

(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۱۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ تراجم!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان جي مڪروفريب ۽ ٻين گناهن کان بچڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جتي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهي آهي، اتي 107 شُعبن جي ذريعي زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکڻ وارن مسلمانن جي بہ اِصلاح ڪري رهي آهي، انهن شُعبن مان هڪ شعبو **”مجلسِ تَراجِم“** بہ آهي جيڪو اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رَسالن جو مختلف زَبانن ۾ تَرجمو ڪرڻ جي خِدمت سَر اَنجام ڏئي رهيو آهي تہ جيئن اُردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دُنيا جون ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ انهن ڪتابن مان فيض ياب ٿي سگهن ۽ انهن جو بہ اهو مدني ذِهن بڻجي وڃي تہ **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي** آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ تمام ٿوڙي عرصي ۾ هاڻي تائين هن مجلس تحت دُنيا جي مختلف زَبانن ۾ اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جون ڪافي تصانيف ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو تَرجمو ٿي چُڪو

آهي. اسان کي بہ گھرجي تہ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو پاڻ بہ مُطالَعو ڪريون ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريون، ورهائڻ جو سلسلو بہ جاري رکون ۽ ٿي سگھي تہ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي نيت سان تحفن (Gifts) ۾ ڪتاب ۽ رسالا ڏيندا رهون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

## سُرمو لڳائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو تہ! شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ سرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پنبڻ وڌائي ٿو“. (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115) ❖ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مڪروه آهي ۽ زينت جو ارادو نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359) ❖ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰةُ المناجيح ج 6 ص 180) ❖ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ، (3) تہ ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو. ❖

تڪريم جا جيترا بہ ڪم آهن سيئي اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان ساڄي اک ۾ سُرمو لڳايو پوءِ کاٻي اک ۾.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتين اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جي بيان جو موضوع هوندو"ڪوشش ڪاميابي جي ڪنجي آهي. جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ ڪهڙن ڪمن ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، مسلسل ڪوشش ڪيترين وڏين وڏين ڪاميابين ڏياري سگهي ٿي، دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون ماڻڻ جي لاءِ اطاعتِ والدين جي ڪوشش ڪرڻ ڪيتري ضروري آهي، ان سان گڏ مزيد ڪيئي سبق آموز واقعا ۽ مدني گل بہ آئنده هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ بيان ڪيا ويندا. لِهٰذا! **آئنده جمعرات** بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن ڪان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنھنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305